ڊاڪٽر فهميده حسين

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو اردو ترجمو


### *Abstract:*

In this article an attempt has been made to evaluate the Urdu translation of 'Shah Jo Risalo' by Shaikh Ayaz, published in the early 60's. This translation was done following the true classical tradition of Urdu poetry and Persianized diction of Urdu, which was very well received by the Urdu audience as well as literary circles in Pakistan. Shaikh Ayaz was successful in transmitting the message of Shah Abdul Latif Bhitai, yet Sindhi critics thought that he was not able to preserve the essence and the subtility and beauty of the language used by Shah.

Later Agha Salim also translated the 'Risalo' using the popular 'Hindustani' dialect of Urdu, with Hindi words instead of Persianized and Arabicized Urdu. This translation is more popular in Sindhi literary circles rather than those of Urdu.

In the opinion of the researcher the language or diction of the translation should be acceptable and popular among the target audience, so she considers the translation by Shaikh Ayaz better and in accordance with the principles the art of translation. In her opinion since Shaikh Ayaz was a poet of Sindh as well as Urdu with a creative genius of great quality, therefore he was able to transcreate the original beauty of the thought of Shah Latif.


**اڄ** مون هڪ اهڙي موضوع کي کنيو آهي، جنهن تي هن کان اڳ ۾ گفتگو ته گهٽي ٿيندي آئي آهي، پر لکيو تمام گهٽ ويو آهي، سو آهي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو اردو ترجمو... ۽ ظاهر آهي ته ان ڏس ۾ ٻه نالا اهم آهن، هڪڙو منظوم ترجمو شيخ اياز جو ۽ ٻيو آغا سليم جو... جيتوڻيڪ منهنجو اهڙو ڪو ارادو ڪو نه هو ته ڪو آءٌ انهن ٻنهيءَ جي ترجمي جو تقابلي جائزو وٺان، پر اڻسڌي طرح سان ڀيٽ ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي. اڄوڪي ڏينهن جي مناسبت سان مون کي شيخ اياز جي ترجمي کي فوڪس ڪرڻو آهي، ان ڪري آغا صاحب جي ترجمي جو پڻ ذڪر ايندو. اِهي ٻئي





شخصيتون، اسان لاءِ قابل احترام آهن ۽ آءٌ ٻنهي کي سنڌي ادب جون قدآور شخصيتون ٿي مڃان. پر هڪ ڳالهه ۾ شيخ اياز کي سرسي حاصل آهي، اُها اِها ته اياز خود آغا صاحب جو به پسنديده شاعر آهي. تنهن هوندي به آءٌ ڪوشش ڪري پاڻ کي ترجمي جي پرکَ جي مڃيل اصولن اندر رکندَسِ.

هونئن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙا عظيم ۽ اعليٰ شاعر پنهنجي شاعريءَ جي حقيقي جوهر ۾ ڪنهن هڪ خطي يا زماني جا ڪونه هوندا آهن، پر پوءِ به ثقافتي ۽ لساني بندشن جي ڪري محدود ٿي ويندا آهن ۽ جڏهن جڏهن ڪنهن عظيم شاعر کي ڪو سٺو مترجم مليو آهي ته اُن کي دنيا مڃيو آهي. اهڙا ڪيترائي مثال، اوهان جي ڄاڻ ۾ آهن: مولانا رومي، شيخ سعدي، عمر خيام، خليل جبران ۽ ٽئگور جا نالا سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿيڻ جو ڪارڻ، سندن شاعريءَ جا سٺا ترجما آهن.

عالمن جو خيال آهي ته شاعريءَ جو ترجمو هڪ اهڙو فن آهي، جيڪو ڪنهن وحيءَ وانگر هڪ ٻوليءَ جي شاعر کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ پڌرو ۽ متعارف ڪرائيندو آهي ۽ مترجم وٽ اُها قوت ۽ فن هوندو آهي، جنهن سان هو ٻئي فنڪار کي سمجهي، ٻيهر تخليق (Transcreation) ڪندو آهي ۽ ايئن ڪندي هڪ مڪمل تخليقي عمل مان گذرندو آهي.

وليم بارن اسٽون (William Barnstone) جو چوڻ آهي ته:

"Translation is the art of revelation which makes the unknown known. The translator artist has the power and craft to recognize and reveal the work of the other artist."(1)

هن راءِ مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ واري جو به اعليٰ پائي جو فنڪار (۽ شاعر) هئڻ ضروري آهي، جيڪو نه صرف اصل فنڪار جي تخليق کي سمجهي، بلڪ ان کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ٻيهر تخليق پڻ ڪري، تڏهن ئي صحيح معنيٰ ۾ سندس حق ادا ڪري سگهندو. اڄڪلهه ساختيات (Structuralism) تشڪيل ۽ رد تشڪيل (Construction & Deconstruction) يا ٻوليءَ جي ڀيچ گهڙ ذريعي ادب کي سمجهڻ جي به ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر، شاهه لطيف جهڙن شاعرن جي شاعريءَ کي صرف ٻوليءَ جي مدد سان نٿو سمجهي سگهجي. شاهه لطيف جهڙن شاعرن جي شاعريءَ جو هڪڙو رخ يا سندس لفظن جي ڪا هڪڙي معنيٰ ۽ مفهوم ته آهي ڪونه، ان ڪري ڪيس ترجمو ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي. مون ته جيترا ڀيرا به شاهه کي پڙهيو آهي ته هر ڀيري هڪ نئون فڪري پهلو، هڪ نئين معنيٰ ۽ سونهن ۽ هڪ نئون نُڪتو ظاهر ٿيندو آهي. هو ايترو ته همه گير آهي، جو مختلف ماڻهو ۽ طبقا، اُن مان پنهنجي نظريي ۽ فلسفي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

موجب معنائون ڪيندا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي سمجهه آهر ترجماني ڪندا آهن. شاعريءَ جي ترجمي ۾ لفظ، شاعراڻيون صنعتون، جذبا، احساس ۽ ڪيفيتون، توڙي فڪري پهلو هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ٿيڻ باوجود اڪثر شاعر ۽ شاعريءَ جو روح پٺيان رهجي ويندا آهن. دنيا ۾ عظيم شاعرن جا جيڪي به ترجما ٿيا آهن، اُهي ڪيترا به سٺا هجن، نقادن انهن جي تحسين ڪئي هجي، نوبل انعام مليا هجن، پر جيڪو مزو ۽ روحاني راحت انهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ وارن کي ملندو، اهو ٻي ٻوليءَ ۾ ممڪن نٿو ٿي سگهي. ان ڪري، جڏهن به ٻن ڪن مترجمن جا ترجما پيٽبا ته اُنهن ۾ روح کي ڇُهڻ جي سگهه کي جانچبو ته لازمي فرق ڏسڻ ۾ ايندو. ترجمي ۾ ٻن ٻولين جي مهارت ته ڪپندي ئي آهي، پر اصول اهو آهي ته اها ٻولي (target language) جنهن ۾ ترجمو ڪيو وڃي، مترجم اُن ٻوليءَ جو هجي يا اُن ٻوليءَ جي سمورين ڪيفيتن يا شاعراڻي مزاج کي سمجهندو هجي. شاهه لطيف جي ڪجهه چونڊ بيتن کي پروفيسر آفاق صديقيءَ، محسن ڀوپاليءَ، فهميده رياض، رئيس امروهويءَ ۽ ڪن ٻين ترجمو ڪيو، پر اُهي ان جو حق ادا ڪري نه سگهيا. محترم الياس عشقي شاهه جو وڏو ڄاڻو هو ۽ اردوءَ ۾ شاهه تي تمام بهترين نموني لکيائين. تازو الياس عشقيءَ جو ڪتاب ”آوازِ لطيف“ ڇپيو آهي ان لاءِ هو لکي ٿو ته: ”وڏن شاعرن جو بهترين ڪلام اهڙو هوندو آهي جو انهن کان سواءِ ڪو ٻيو ايئن چئي ڪونه سگهندو آهي.... شاهه جي شاعريءَ جا وسيع ۽ عميق مطلب ۽ سندس پيغام جي همه گيريت لاجواب آهي.“[2]

هن ڪجهه شاهه لطيف جا شعر مثال طور منظوم ترجمو ڪيا، پر باقاعدي منظوم ترجمو ڪونه ڪيائين. اُن ڪري چئي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب کي ڪو وڏو اُردودان مترجم ته نه ملي سگهيو پر جَس آهي شيخ اياز کي، جنهن پهريون ڀيرو شاهه صاحب کي پاڪستان ۽ هندستان ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ اردو منظوم ترجمي ذريعي وڏي ڪاميابي ماڻي.

شيخ اياز جو ترجمو پنجاهه واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ کان شروع ٿي 1962ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. اياز، شاهه کي پنهنجي اندر ۾ اوتي، پنهنجي روح ۾ رچائي، اُن جي لفظ لفظ، سٽ سٽ کي پاڻ تي طاري ڪري، دل ۽ دماغ سان، سندس احساس ۽ فڪر کي هڪ زبان کان ٻيءَ زبان ۾ اُٿلائڻ مهل پنهنجي شاعراڻي ذاتِ کي ڀرپور نموني استعمال ڪرڻ سان گڏ، اردوءَ ۾ شاعريءَ جي تجربي ۽ اردو شاعريءَ جي مزاج ۽ طرزِ احساس کي برقرار رکندي، ڄڻ ته ان زبان ۾ ٻيهر تخليق ڪئي آهي. ايئن ڪندي هن نه معنيٰ کي وڃايو آهي، نه جماليات کي ڇڏيو آهي ۽ نه ئي تصوف جي روح کي ضربيو آهي، پر اها اردوءَ جي شاعري بنجي وئي آهي. اسان سنڌين کي لڳي ٿو ته، ان مان سنڌ جي مٽيءَ ۽





سنڌي شاعريءَ جي مهڪ ڄڻ ته اڏامي وئي آهي، پٺائي ڪٿي وڃائجي ويو آهي. شاهه لطيف جي شاعري مڪمل سُريلي آهي، اُن ۾ تجنيس حرفيءَ سان پيدا ڪيل آوازي سُونهن ۽ غنائيت جو نعم البدل اردوءَ ۾ ممڪن ئي ڪونه هو، پر شيخ اياز ڪوشش ڪري اُن جي ترنم کي برقرار رکيو آهي. ان لاءِ بقول ڊاڪٽر فاطمه حسن ته، ”هن وائين جي ترجمي وقت، ڪٿي غزل، ڪٿي دوهي ۽ ڪٿي وري گيت جي صنفن کي سامهون رکيو آهي، ۽ 'اردو غزل جي رواني، گيت جي نغمگي ۽ دوهن جي عواميت' ان ۾ سمائي آهي.“[3]

اُردوءَ جي شاعره فهميده رياض، شيخ اياز جي شاعريءَ جو ترجمو، 'حلقه ميری زنجير' نالي ڪيو آهي، پر هوءَ به شاهه جي ترجمي جي همت ساري نه سگهي ۽ هن شاهه جي ڪلام کي 'ادبي معجزو' ۽ ڪل عالمِ انسانيت جي ميراث سڏيو آهي، جنهن کي برصغير جو تمام وڏو شاعر شيخ اياز ئي ترجمو ڪري سگهي ٿو. شيخ اياز کي هن ترجمي دوران اردوءَ ۾ لفظن جي ذخيري ۽ مترنم سانچن جي کوٽ جو احساس ٿيو هو، جنهن جو هن اظهار ڪيو هو، جنهن کي فهميده رياض قبول نه ٿي ڪري ۽ لکي ٿي ته اردوءَ کي صرف شهري زبان نه سمجهي، اها کوٽ پوري ڪري سگهجي ٿي. هندستاني زبان جي اصل سرزمين يعني هندستان جي ڳوٺن جي ٻوليءَ مان لفظن جي چونڊ ڪرڻ گهرجي ها. فهميده رياض، ڀڳت ڪبير واري ٻوليءَ جو حوالو ٿي ڏي، جنهن جي لفظي ذخيري سان شيخ اياز پنهنجي اُن عظيم ڪارنامي کي اڃا بهتر ڪري سگهي ها. هوءَ لکي ٿي ته:

”شاہ کے ترجمے کے لئے اگر اردو کی بولیوں میں کی گئی صوفی شاعری کے طریقۂ اظہار کو اپنایا جائے تو شاہ کے کلام کے ساتھ بہتر انصاف ہو سکے گا۔“[4]

آءٌ سمجهان ٿي ته اياز کي هندي شاعريءَ جي سموري روايت جي يقيناً ڄاڻ هئي، پر هن ڄاڻي واڻي ان کان گريز ڪيو، ڇو ته هن کي پاڪستان ۾ مروج اردو زبان ۾ ترجمو ڪرڻو هو. اُن لاءِ هن اردوءَ جي مقبول شعري روايت کي سامهون رکيو. ٻئي طرف منهنجي خيال ۾ فهميده رياض جي اُن صلاح کي آغا سليم ضرور هِنئين سان هنڊايو ته ”اردوءَ جي انهن لهجن ۾ ڪيل صوفي شاعريءَ واري اظهار جي طريقي کي اختيار ڪجي، جيڪي کڙي ٻوليءَ کان پوربيءَ تائين قديم زمانن کان شعر و شاعريءَ ۾ استعمال هيٺ رهيا، جيئن ڀڳت ڪبير ۽ تلسيداس جي شاعري.“[5]

فهميده رياض اُن زبان کي 'هندستاني' جو نالو ڏي ٿي ۽ جنهن ۾ بقول سندس عربي ۽ فارسي لفظن جي ڀرمار نه آهي. اردودانن ۾ اِهو هڪڙو مڪتبهِ فڪر (school of



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

thought) آهي، سڀ ان جا حامي ناهن ۽ اهو طبقو ٿورائيءَ ۾ آهي. غالب، اقبال ۽ فيض کان وٺي اڄ جي ڪنهن بہ شاعر يا شاعره جي اردو شاعريءَ جو اهو مزاج ڪونهي. گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان ۾ تہ ڪونهي. ڇو تہ پاڪستان ۾ اردو شهري زبان طور سڃاتي وڃي ٿي. ٻهراڙيون ۽ اُتان جي ٻوليون هندستان ۾ رهجي ويون آهن. ڪبير ۽ تلسيداس تہ هنديءَ جا شاعر مڃيا ويا آهن ۽ نہ 'هندستانيءَ' جا. ها البت هندستاني ٻوليءَ ۾ نظير اڪبر آباديءَ ضرور شاعري ڪئي آهي ۽ جميل الدين عاليءَ ۽ الياس عشقيءَ دوها لکيا آهن، پر عام طور اردو شاعريءَ جو اهو لهجو هرگز ڪونهي. اسان جي آغا سليم بہ ان 'هندستانيءَ' ۾ شاعريءَ جو ترجمو ڪيو آهي. پاڪستان ۾ مروج ادبي اردوءَ ۾ نہ!

ترجمي جي فن جا ماهر چون ٿا تہ ادبي ترجمي جي فن کي ٻوليءَ جي فن کان وڌيڪ ڪلچرل ۽ ادبي روايت جي حوالي سان پرکڻ گهرجي.

"Translation is an art between tongues, and the child born of the art lives for ever between home and the alien city. Once across the border, in a new garb, the orphan remembers or conceals the old town and appears new born and different."(6)

معنيٰ تہ 'نئين ديس ۽ نئين ويس ۾ نئين شهريءَ کي ٻولي بہ اها ئي ڳالهائڻي پوندي جنهن کان ماڻهو مانوس هجن ۽ کيس دل سان قبول ڪن.'

ٻي جيڪا ڳالهہ اهم آهي، اُها آهي تہ ڪي ڪي ٻنهہ هڪ جهڙا لفظ اصلوڪي ٻوليءَ ۽ ٽارگيٽ ٻوليءَ ۾ مختلف معنائون رکي سگهن ٿا، جيئن لفظ 'ارمان' آهي. سنڌيءَ ۾ معنيٰ اٿس 'ڏک' تہ اردوءَ ۾ 'خواهش' يا 'تمنا'... 'ڌڻي' سنڌيءَ ۾ 'مالڪ - الله سائينءَ' لاءِ بہ استعمال ٿئي، پر اردوءَ ۾ گهٽ ڪري 'الله' لاءِ ڪتب ڪونہ اچي، البت مالڪ واري يا شاهوڪار ('ڌنوان') واري معنيٰ اٿس. اصطلاحن جو بہ لفظي ترجمو ممڪن نہ هوندو آهي. اسين سنڌيءَ ۾ چئون: 'دروازو ڏئي ڇڏ'، پر اردوءَ ۾ 'دروازه دے دو' ڪونہ چئبو. هر ٻوليءَ جو مزاج پنهنجو ٿئي ٿو. ادب جي ترجمي ۾ اُن ڪري لفظي ترجمي کان پاسو ڪيو ويندو آهي، ڇو تہ لفظي ترجمي يا تجنيسن جي ورجاءَ سان اصل شاهڪار جي سُونهن متاثر ٿي سگهي ٿي. اُن لاءِ هڪ ماهر لکيو آهي تہ:

"Translator may destroy word choice, word order, sounds and may impair the beauty of the original form. Delicacy and gentleness will be ruined if the translator provides crude alliteration for the original carefully composed alliteration and rhythm."(7)

ترجمي جو اصل ڪم لفظ ۽ تجنيسون منتقل ڪرڻ نہ، پر خيال ۽ جذبي جي منتقلي هئڻ گهرجي. معنيٰ ۽ مفهوم (semantics) جي صحيح پُهچ ضروري آهي. اصل





شاعر جي جمالياتي ۽ ادبي قدر کي قائم رکڻ لاءِ، ٻيءَ ٻوليءَ جا بہ اهڙا قدر معلوم هئڻ گهرجن، جيڪي اظهار کي سُونهن بخشين.

منهنجو پنهنجو رايو آهي تہ شيخ اياز جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، اها 'اردو' آهي، جنهن سندس ترجمي کي اردو دانن ۽ ادبي حلقن ۾ وڌيڪ قبوليت بخشي آهي؛ جڏهن تہ آغا سليم جي ترجمي جي ٻولي هنديءَ جو عنصر رکندڙ ٻولي 'هندستاني' آهي يا جيڪا سنڌيءَ کي اردوءَ کان وڌيڪ ويجهي آهي ۽ اسان سنڌي پڙهندڙن کي وڌيڪ موهي ٿي (پر ترجمو اسان سنڌين لاءِ تہ ڪونہ ڪيو ويو آهي). ڏنو وڃي تہ اُن ڪري اها شاهہ جي سُرن: رامڪلي، ڪاهوڙي ۽ پورب يا پرڀاتيءَ جي لاءِ بلڪل مناسب ۽ موزون آهي، پر ٻين سرن ۾ ڪٿي ڪٿي لفظي ترجمي جو ڏيک ڏي ٿي. هر فڪر ۽ فلسفي سان گڏ اُن جا اصطلاح يا terminology بہ گڏ ايندي آهي. تصوف ۽ ڀڳتيءَ جي اصطلاحن ۾ جيڪو نمايان فرق آهي، اُهو بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

هاڻي اچو تہ ڪي ٿورا مثال ڏسون، جن بابت منهنجي پنهنجي راءِ آهي تہ ڪٿي شيخ اياز جو ترجمو لاجواب آهي تہ ڪٿي وري آغا صاحب گوءِ کٽي ويو آهي. شاهہ سائينءَ جو هڪ بيت آهي:

شاهہ: وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻيءَ مَ ڀل،
هُو هلاچو هُل، بالله سندو سچڻين!

اياز جو ترجمو ڏسو:

کبھی وحدت کی تنہائی میں کثرت، کبھی کثرت کے ہنگاموں میں وحدت،
مگر ان سارے ہنگاموں کی تہہ میں، بس اک محبوب ہے اور اس کی صورت!

آغا سليم جو ترجمو:

کبھی وحدت سے ہی کثرت ہے اور، سب کثرت ہے وحدت،
حق تو حقیقی ایک ہے سائیں، چھوڑ تو سب غفلت،
ہر سو پی کی نوبت، واللہ باج رہی ہے!

آغا صاحب جو ترجمو بلڪل ويجهو لفظ بہ لفظ معنيٰ سان، قافين جي بہ ضرورت پوري ٿيل آهي، پر اُن مان اها ڳُوڙهي معنيٰ ۽ حُسناڪي پڌري نٿي ٿئي، جيڪا ڀٽائيءَ جي بيت ۾ لکل آهي. اردو شعر ۾ لفظ 'سائين' بہ اوپرو ٿو لڳي، جڏهن تہ شيخ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اياز ڪجھ لفظ بيشڪ چڱي ڏنا آهن، پر پنهنجي شاعراڻي ڏات ۽ اردو ٻوليءَ ۽ ادب جي روايتن جي ڄاڻ سان ترجمي ۾ معنوي خوبي پيدا ڪئي آهي، جيڪا 'وحدت کی تنہائی میں کثرت' ۽ 'کثرت کے ہنگاموں میں وحدت' جي ترڪيبن سان 'صنعت تضاد' جي استعمال سبب چٽي ٿي وئي آهي. 'هُو هُلاچو هُل' جو ترجمو 'نوبت باج رہی ہے' پڻ اردو مزاج کان هٽيل آهي. اِتي قافيي جي ضرورت تحت 'نوبت' لفظ جو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جو اردوءَ ۾ مفهوم 'اعلان ڪرڻ' وارو ٿيندو، هُل هنگامي وارو نه!

شاهہ: پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، پلائيءَ جا پيرَ،
اگڻ اُڪندين جي، ڏي پاٻوهيو پيرَ،
قمر پاڙي ڪيرَ، شمس سپيرين سين!

اياز: صبحِ روشن ہے تیری پیشانی، اور دل چشمہ محبت ہے،
تیرے آنے کی منتظر ہوں میں، تو جو آئے تو عین راحت ہے!
ہیچ ہے تیرے سامنے خورشید، مہہ وانجم کی کیا حقیقت ہے!

آغا: پیشانی میں دمک رہے ہیں، نیکی کے آثار،
تیری دید کو ترسیں نیناں، آ بھی جا اک بار،
سورج چندا یار! کب ہیں ہمسر تیرے!

ترجمو آغا صاحب جو بہ تُز آهي، مفهوم ۽ معنيٰ بہ منتقل ٿين ٿا، پر اياز جي ترجمي جو مزاج، اُردو زبان سان هم آهنگ آهي. 'سورج چندا' کان وڌيڪ خورشيد، مہر وانجم جا لفظ اردو شاعريءَ ۾ ٺهڪن ٿا ۽ شاعراڻي خوبي بہ اُن شعر ۾ وڌيڪ آهي. اُڪنڊ ۽ انتظارَ جي ڪيفيت ۾ پاٻوهہ مان پير ڌرڻ سان ٿيندڙ 'عين راحت' جي استعمال سان روماني شاعريءَ جو تاثر اڀاريو ويو آهي. ٻئي طرف آغا سليم هندي يا هندستاني شاعريءَ مان 'دید کو ترسیں نیناں' جي ترڪيب ڪنئي آهي، جيڪا پنهنجي جاءِ تي ڏاڍي خوبصورت آهي، پر ان کان اڳتي "آ بھی جا اک بار" ۾ اها ڳالهہ ڪانهي، جيڪا 'ڏي پاٻوهيو پير' ۾ آهي.

شاهہ: پراڏو سو سڏ، ورُ وائيءَ جو جي لهين،
هـئا اڳـهيـن گـڏ، ٻـُـڌڻ ۾ ٻـہ ٿيا!





اياز: یہ صدا اور بازگشتِ صدا، اصل دونوں کی ایک ہے،
اپنی آواز کی دوئی پہ نہ جا، کہ سماعت فریب دیتی ہے!

آغا: ایک صدا ایک گونج، سننے میں ہیں دو،
غور سے گر سن لو، مخرج ان کا ایک ہے!

ڳالهہ صرف غور سان ٻُڌڻ جي ڪانهي، نہ ئي غورَ سان ٻڌڻ سان سمجھ ۾ ايندي. 'صدا' ۽ 'بازگشتِ صدا' مان 'سڏ' ۽ 'پڙاڏي' جو تصور، اردوءَ واري لاءِ سمجهڻ وڌيڪ سولو آهي بنسبت 'صدا' ۽ 'گونج' جي ۽ اُهي هڪ هئڻ باوجود 'سماعت جي فريب' جي ڪري 'دوئي' جو احساس ڏين ٿا- ان سان ڳالهہ وڌيڪ گهري ٿي وڃي ٿي. آغا صاحب 'مخرج' جو خواه مخواه استعمال ڪيو آهي، 'ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا' جو ترجمو 'مخرج ان کا ایک ہے' ڪجھ دل سان نٿو لڳي. ڇو تہ، 'سڏ' ۾ 'پڙاڏي' جو مخرج ساڳيو ڪونهي. 'پڙاڏو' تہ محض آواز جي موٽ آهي. انهي شعر ۾ شاعراڻي سونهن موجود ڪانهي، لفظي ترجمي جو احساس ٿئي ٿو.

شاهہ: ايڪ قصر در لکَ، ڪوڙيـن ڪـٽس ڳـڙکيـون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون!

اياز: قصر ہے ایک اور دَر لاکھوں، ہر طرف بے شمار ہیں روزن
مجھ کو ہر سمت سے نظر آیا، جلوہ گر ایک ہی رخِ روشن!

آغا: ایک قصر در لاکھ، اور کروڑوں کھڑکیاں،
جدھر اٹھے یہ آنکھ، ادھر ہے سندر روپ سجن کا!

هتي ٻنهي مترجمن بهترين ترجمو ڪيو آهي، پر ڪن لفظن جي معنائن ۾ شاهہ صاحب جو مفهوم ڪٿي لکي ويو آهي. لفظ 'ڪوڙين' جي معنيٰ لطيف وٽ نہ ڪروڙين آهي، نہ ئي لکين- هتي ان جو مطلب ٿيندو 'بي حساب' بي شمار يا 'اڻ ڳڻيون' ۽ آغا صاحب 'ڪوڙين ڳڙکيون' لاءِ 'ڪروڙون کڑکيان' لکيو آهي، جنهن ۾ لفظ 'ڳڙکيون' جو ترجمو 'کھڑکیاں' پڻ دل سان نٿو لڳي. سنڌيءَ ۾ 'ڳڙکي' ننڍڙي سوراخ کي چئبو آهي، نہ کي 'دريءَ' يا اردو 'کڙکيءَ' کي. ان ڪري شيخ اياز جو ڪم آندل لفظ 'بي شمار روزن' وڌيڪ مناسب آهي. آغا صاحب جي ترڪيب 'سندر

روپ سڄڻ کا‘ تمام خوبصورت فقرو آهي، باقي سڄو لفظ به لفظ ترجمو آهي.

شاهه: ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳڻُ وڍيندڙَ هٿ ۾،
پسي پَر عجيب جي، لِڇيو وڃي لوهه،
عاشقن اَندوهه، سدا معشوقن جو!

اياز: کسی کے ہاتھ میں قبضہ، نہیں خود موردِ الزام خنجر،
رُخِ محبوب کی نظارگی سے، لرز جاتا ہے یہ لوہا بھی اکثر!

آغا: تیغ پہ کیا الزام، تیغ سجن کے ہاتھ میں ہے،
دیکھ ادائیں محبوب کی، لرزے تیغ تمام!

هنن ٻنهي مترجمن شاهه جي بيت جي ٽِين سٽ يا مصرع ترجمو ڪا نه ڪئي آهي. ’ڳڻ‘ لفظ جي معنيٰ اردوءَ ۾ ’قبضه‘ ڪرڻ سان ڳڻ (قبضي) ۾ ان جي جهليندڙ جو تصور، عمل ۽ نيت واضح ٿئي ٿي. جڏهن ته آغا صاحب سڌو سنئون تلوار هٿ ۾ ڪٽڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. ٻنهي جي تصور ۾ وڏو فرق آهي.

ٻئي طرف ’پر عجيب جي‘ جو ترجمو ٻنهي مختلف ڪيو آهي، جيڪو مفهوم ادا نٿو ڪري_ ’پرِ‘ کي آغا صاحب ’ادا‘ سان ادا ڪيو آهي. لفظ ’پرِ‘، ’ريت‘، ’طريقي‘ جي معنيٰ رکي ٿو، جنهن لاءِ ’ادا‘ لفظ ڪجهه بهتر آهي. بنسبت اياز جي، جنهن ان کي نظر انداز ڪيو آهي ۽ ’لَوهه جي لِڇڻ‘ کي محبوب جي مشاهدي (نظارگي) جي ردعمل طور ظاهر ڪيو آهي، جنهن سان معنيٰ جو وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي. هتي آغا صاحب جو ترجمو وڌيڪ معنيٰ خيز آهي. البت ’ڪاتي‘ جو ترجمو ’خنجر‘ بهتر آهي يا ’تيغ‘ (تلوار)، اهو فيصلو ڪرڻو پوندو. اها ڪاتي هڪ ٻئي بيت ۾ تِکي ۽ مُڏي هئڻ جو تصور آهي: ’ڪاتي تکي مَر ٿئي، مر مُنيائيءَ هوءِ‘ هتي علامتي طور ڪاتيءَ سان ڪُهڻ جو تصور آهي، جنهن لاءِ نه خنجر صحيح آهي، نه تيغ!

شاهه: پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تِن جو!

اياز: خالقِ حسنِ کائنات ہے خود، خود ہی اس کائنات کا محبوب،
آپ ہی آپ آئینہ ہے وہ، خود ہی طالب ہے اور خود مطلوب!





آغا: خود ہی دیکھے خود کو، خود ہی ہے محبوب،
خود ہی خالق خوب، خود ہی اس کا طالب!

شاهه جي هن بيت جي بحرِ پيڪران ۾ ٻنهي شاعرن ٽپي هٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر معنيٰ جا جيڪي موتي اياز جي پلئه پيا هن اهي وڃيا آهن. آغا صاحب انهن کي ترجمي ۾ آڻي نه سگهيو آهي. آغا صاحب جو ترجمو لفظي آهي ۽ شاهه صاحب جي فارم کي ته ويجهو آهي، پر پوئين سٽ ۾ ’خود ہی اس کا طالب‘ وزن/ماترائن کي ڪيرائي ٿو ۽ ترنم کي نقصان رسائي ٿو. هن بيت ۾ موجود لفظ ’محبوب‘، ’طالب‘، ’خوب‘، ’خلقي‘ اهڙا آهن جن کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. قافيي جي ضرورت به پوري ڪن ٿا. تنهن هوندي به ڏنو وڃي ته تصوف وارن بيتن جي سلسلي کان ٻاهر (out of context)، اڪيلي سِر اهو شعر معنيٰ کي ايترو منتقل نٿو ڪري، جهڙو ۽ جيترو اياز جو شعر ٿو ڪري. ’خالقِ حسنِ ڪائنات‘ ۾ شعر جي پهرئين پد ۾ به پيرا زيرِاضافت جو استعمال لفظ ’خود‘ سان ملي، بهترين تاثر اُڀاري ٿو. اهو پنهنجي ليکي هڪ ڌار اردوءَ جو پنهنجو شعر به ٿي سگهي ٿو.

شاهه: اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙَون جوڙ جهان جي!

اياز: تیری ہی ذات اول و آخر، تو ہی قائم ہے اور تو ہی قدیم،
تجھ سے وابستہ ہر تمنا ہے، تیرا ہی آسرا ہے ربِ کریم،
کم ہے جتنی کریں تیری توصیف، تو ہی اعلیٰ ہے اور تو ہی علیم،
والی شش جہان واحدِ ذات، رازقِ کائنات، رب رحیم!

آغا: اول اللہ علیم، اعلی عالم کا دھنی،
قادر اپنی قدرت سے، قائم اور قدیم،
والی واحد وحدہ، رازق رب رحیم،

مدحت کر اس سچے رب کی، کہہ کر حمد حکیم،

وہ والی وہ کریم، وہ جگ کے کام سنوارے!

آغا سليم جي ترجمي جي معنيٰ تہ درست آهي، پر ڇا عام اردو دانُ الله کي 'دهني' چوندو؟ اردوءَ ۾ ان جو مفهوم ڪو ٻيو آهي. مون اهڙو استعمال ڪڏهن ڪونہ ٻُڌو يا پڙهيو آهي. تنهن هوندي بہ مجموعي طرح آغا صاحب جو ترجمو بهتر آهي. ٻئي طرف شيخ اياز جيتوڻيڪ مفهوم کي چڱيءَ طرح واضح ڪري اردو شعر جو رنگ ڏنو آهي، پر آغا صاحب لفظن جي اصلوڪي سُونهن ۽ تجنيس کي قائم رکيو آهي، ڇو تہ هن بيت ۾ عربي لفظن جي گهڻائي آهي، جن کي اردوءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي صورت ٿي ڪانهي. اهو ترجمو فني ۽ معنوي لحاظ کان شيخ اياز جي ترجمي کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهي. آءٌ ڀانيان ٿي تہ اهو سنڌي پڙهندڙن کي وڌيڪ وڻندو. جڏهن تہ اردو دان شيخ اياز جي ترجمي کي فني لحاظ کان توڙي اسلوب ۽ ڊڪشن جي حوالي سان وڌيڪ پسند ڪندا.

اصل: پاٻوهي هيڪار، مون ڪان پُڇيو سڄڻين،

الست بربڪم، ڇيائون جنهن وار!

سنڌي سُورَ ڪِنار، تن تڏهاڪون نہ لهي!

اياز: مسکرا کر کبھی پکارا تھا، میرے محبوب نے اک بار،

پھر میرے دل میں عمر بھر کے لئے، رہ گیا اس کا درد بے آزار!

آغا: پیارے پریتم نے پوچھا تھا، مجھ سے یہ ایک بار،

کیا میں تیرا رب نہیں ہوں، میرا تھا اقرار،

درد کی تیکھی دھار، تب سے دل میں اتری ہے!

هن بيت جي وچين سٽ شيخ اياز ترجمو ڪانہ ڪئي آهي، اُن ڪري معنيٰ مڪمل نٿي ٿئي ۽ بيت جو روح ختم ٿي وڃي ٿو. 'پاٻوهي' لفظ جي اندر جيڪا جذبي جي گهرائي آهي، ان کي اياز 'مسکرا کر' جي معنيٰ ڏني آهي ۽ آغا صاحب نظر انداز ڪيو آهي، جن ٻنهي ڳالهين بيت جي اندر موجود احساس کي ڇيهو رسايو آهي. آغا صاحب طرفان 'سنڌي سور ڪنار' لاءِ 'درد کي تيکي تلوار' ڪنهن حد تائين





ڪارج سر ڪري ٿو ۽ مفهوم واضح ٿئي ٿو. هتي آغا صاحب شاهہ جو پيغام پهچائڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب ويو آهي.

بيت: اڄ پڻ اوپارو، چوڏينهن ماهہ چنڊ جو،

مون گهَرِ مُون پرينءَ جي، اچڻ جو وارو،

سڄڻ سوپارو، پيچ پنيءَ گهر آئيو!

اياز: آج پھر چودھویں کا چاند ابھرا، شام سے انتظار تھا اس کا،

صبح نو کی نوید دینے کو، وہ حسین دوست میرے گھر آیا!

آغا: چندا پونم رات کا، کرے گا جگمگ آج،

میرے پیا ہیں آنے والے، پورے ہونگے کاج،

حسن کا وہ سرتاج، بھیگی رات کو انگنا آیا!

ٻنهي ترجمن ۾ ڪي شيون پنهنجي جاءِ تي تمام تُز ۽ خوبصورت آهن.

اياز اردوءَ ۾ 'چودھویں کا چاند' جتي محبوب جي رخ روشن جي تشبيهہ طور آندو آهي، اُتي آغا سليم جو 'چندا پونم کا' بہ گهڻ سُهڻو ڪونهي. 'پيچ پنيءَ گهر اچڻ' جي ترڪيب کي شيخ اياز 'صبحِ نو کی نوید' تو چوي، جڏهن تہ آغا صاحب 'بھیگی رات'. هتي ٻن ٻولين جي مزاج جو فرق نمايان آهي. 'پيچ پنيءَ' جو مطلب 'پوئين رات'، 'اسر جي ويل' يا 'پرهہ ڦٽي پريات' هوندو آهي، جڏهن ماڪ هوا کي پچائي ڇڏيندي آهي. ان ڪري، 'صبحِ نو کی نوید'، ان کي وڌيڪ ويجهو ترجمو آهي بنسبت 'بھیگی رات' جي، جنهن جي اردوءَ ۾ معنيٰ 'برسات جي رات' ٿئي ٿي.

بيت: ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،

سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،

تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،

جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

اياز: کچھ اس انداز سے ہر سمت دیکھا ہے، خمار آلود آنکھ اس نے اٹھا کر،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مہہ وخورشید وانجم تھر تھرائے، ہوئی حیرت سی طاری کہکشاں پر،
رخِ جاناں کے جلووں کے مقابل، مری نظروں میں ہے ہر جلوہ کمتر!

آغا: پریتم نے جب ناز و ادا سے، ڈالی ایک نظر،
سورج شاخیں جُھک آئیں، اور مہر یہ قمر،
تارے بھی سب ماند ہوئے، جب دیکھا وہ دلبر،
ماند ہوا ہر جوہر، دیکھ کے میرے پریتم کو.

شاهہ جي هن بيت جي سونهن جي ڇا ڳالهہ ڪجي، ڇا تہ خيال آهي، تشبيهہ جو ڪمال ۽ تجنيس جو استعمال لاجواب آهي! اُن کي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ الٽو ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي. شيخ اياز 'خمار آلود آنکھ'، 'مہہ وخورشید وانجم' ۽ 'کہکشاں' کي 'رخِ جاناں' جي جلون سان تشبيهہ ڏني آهي، جڏهن تہ آغا سليم محض لفظي ترجمو ڪيو آهي. اردوءَ ۾ سج جي شعاعن لاءِ 'شاخون' لفظ جو ترجمو مزو نٿو ڏئي. اردوءَ ۾ 'شاخ' جو اهو مطلب نٿو نڪري، جيڪو سنڌيءَ ۾ آهي. اتي 'شاخين' بدران 'شعائين' بہ ٿي سگهيو ٿي. تارن ۽ ڪتين کي ملائي ڪهڪشان جو تصور وڌيڪ اثرائتو آهي، جنهن مان ڪائنات جي وسعتن وارو تاثر اڀري ٿو ۽ 'جانب جي جمال' کي 'رخ جانان جي جلوي' سان ترجمو ڪرڻ وڌيڪ ويجهو آهي.

بيت: سون ورنيون سوڍيون، رُپي رانديون ڪن،
اگـــر اوطــاقـــن ۾ ڪـــتـوريـــون ڳـــتـن،
اوتيـائون عنبـير جـــا، متـــي طـــاق تڙن،
ٻاڻــن ٻيليون ٻڌيون، پسيـو سُونهن سڙن،
ٿيـا لاهوتـي لطيـف چئي، پسـڻ لئہ پرين،
اجهـي ٿـا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

ایاز: انہیں کیا سیم وزر کی قدر و قیمت، وہ ہیں دوشیز گانِ بزمِ فطرت،
نہاں خانوں میں مثل مشک و عنبر، مہکتی ہے سدا ان کی نفاست،
قطار در اندر آتے ہیں عاشق، مگر ہوتی نہیں سب کو زیارت،





وہی ہیں دولت دیدار پاتے، جو رکھتے ہیں فقیرانہ بصیرت،
قدم میں لغزشِ مستانہء شوق، خمارِ کاک کی چہروں پہ رنگت!

آغا: کندن تن کنواریاں، کھیلیں چاندی سنگ،
آنگن خوشبو میں بسے، مہکیں سیج پلنگ،
عطر انڈیل کے دھوئے سب نے، اجلے اجلے انگ،
ایک ہجومِ عاشقاں، دیکھ کے رہ گیا دنگ،
عاشق عاشق بیراگی ہے، جوگی کا ہے سنگ،
چڑھا عشق کا رنگ، آئیں گے اب کاک پر!

شاهہ صاحب جي هن بيت ۾ سينگار بيتن واري سُونهن ۽ ڀرپور جمالياتي ذوق نظر اچي ٿو. هڪ مڪمل منظر آهي، نظري عڪس آهي. هن جي ترجمي ۾ آغا سليم، شيخ اياز کان وڌيڪ خوبصورت انداز ۾ عڪاسي ڪئي آهي ۽ پورو منظر منتقل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. قافيا بہ زبردست آهن تہ تشبيهون بہ تُز ۽ وڻندڙ آهن ۽ هڪ ٻن جاين تي تجنيس کان بہ ڪم ورتو اٿس: جيئن 'کندن تن کنواریاں'، 'عطر انڈیل کے'، 'اجلے اجلے انگ' وغيره ۽ هو شاهہ جي بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم کي بلڪل ويجهو پهتو آهي ۽ انفرادي طور بہ هندستاني اردوءَ يا عوامي اردوءَ ۾ بهترين شعر بڻجي پيو آهي.

ٻئي طرف شيخ اياز جڻ تہ غالب جون سِڪون پيو لاهي ۽ سڄو سارو ماحول ۽ مزاج اردو شاعريءَ جو آهي. آءٌ تہ ترجمي جي فني گهرج موجب اُن کي خوبي ٿي سمجهان، پر اُتي شاهہ صاحب ڪٿي وڃائجي وڃي ٿو ۽ هڪ اردوءَ جو اعليٰ شاعر شيخ اياز، پنهنجو منفرد ڊڪشن ڪٽي 'دوشيزگانِ بزمِ فطرت' جي 'نهان خانن' ۾ 'مشڪ و عنبر' ۾ مهڪندڙ وجودن جي عڪاسي پيو ڪري. هي پنهنجي ليکي اردو شاعريءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهي، جنهن جو ساڳيو خيال ۽ تشبيهون بنهہ ٻي ٻوليءَ ۾ ٻي شڪل وٺي بيٺيون آهن. پوءِ بہ چئبو تہ آغا سليم ڀٽائيءَ جي روح کي ويجهو... گهڻو ويجهو وڃي پهتو آهي.

هاڻي آءٌ اچان ٿي سُر رامڪلي ۽ ڪاهوڙي وغيره جي ترجمي ۽ ٻوليءَ تي جنهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ آءٌ پانيان تي ته آغا سليم ٻوليءَ ۾ شيخ اياز کان گوءِ کٽي ويو آهي، پر شاعراڻي خوبي ۽ اردو شاعريءَ جي طرز احساس ۽ اظهار سان هم آهنگيءَ ۾ اياز گهٽو گهٽو مٿي آهي.

شاهه: نـوري ۽ نـاري، جـو ڳـيئڙا جهانَ ۾،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نه جيئندي انِ ري!

اياز: تیرے یوگی، جہانِ تیر و تار، جلوہ نور ہیں کہ شعلہِ نار،
بزمِ ہستی میں ضو فگن ہیں وہ، ان سے دنیا ہوئی ہے انوار،
وہ نہیں جب تو زندگی کیسی، زندگی سے میں ہو گئی بیزار.

آغا: کیا کیا جوگی جگ میں ہیں، کچھ نوری کچھ ناری،
جن میں جوت نیاری، بن ان کے کیا جیناری!

آغا صاحب جي ٻولي بيت جي ماحول ۽ مزاج سان ٺهڪندڙ ۽ تمام مٺي آهي. هن نوري ۽ ناري ۽ جوڳي لفظن کي جيئن جو تيئن استعمال ڪيو آهي ۽ اهي پڳتي شاعريءَ جي مزاج سان ٺهڪن به ٿا. ٻئي طرف وري هن بيت جي ترجمي ۾ اياز 'جوڳي' لفظ بدران 'يوگي' استعمال ڪيو آهي، ڇو ته اردوءَ ۾ عام سنڌيءَ وانگر 'جوڳي' نانگ ريجهائيندڙ کي چوندا آهن، جڏهن ته هتي اها معنيٰ ڪانهي. 'جوڳ' کي هندي توڙي اردوءَ ۾ 'يوگ' چون ٿا. ٻيو ته اياز جي ترجمي مان 'نوري' ۽ 'ناري' جي وضاحت ٿئي ٿي: '*تاریک جہاں میں جلوہء نور*' ۽ '*شعلہ نار*' اُهي يوگي آهن'. ٻئي طرف 'ٻَري جن ٻاري' ۾ جيڪو مفهوم آهي، سو '*بزمِ ہستی میں ضو فگن*' ۽ '*دنیا ہوئی انوار*' مان ملي ٿو، جڏهن ته 'جن ۾ جوت نياري' مان 'ٻرِي جن ٻاري' واري معنيٰ نٿي نڪري. بلڪ 'ٻَرِي جن ٻاري' (جن جي ٻاري ٻري ٿي) واري معنيٰ نڪري ٿي. ڪي شارح ان جي اها معنيٰ به ڪن ٿا، شايد آغا صاحب ان معنيٰ کي آندو آهي. اُن ترڪيب ۾ وڏو فلسفو سمايل آهي 'پاڻ ٻري جن ٻاري' معنيٰ جن پاڻ کي ٻاري روشني ڪئي، نُور پکيڙيو. هتي انهيءَ فلسفي جو ذڪر آهي، جنهن مان هڪ درس به ملي ٿو، ته جوڳين جي ڪرداري صفت به ظاهر ٿئي ٿي.

اهو شعر پڙهي اردوءَ جو ڪو به عام پڙهندڙ يا دانشور يقيناً سوچيندو ته سنڌي ٻوليءَ جي شاعر ڪيڏو نه وڏو خيال پيش ڪيو آهي. جڏهن ته آغا صاحب واري





ترجمي مان اهڙو ڪو تاثر نٿو ملي سگهي ها. هڪ ننڍڙي شعر جي صورت ۾ آغا صاحب جو ترجمو پڻ وڻندڙ آهي ۽ ٻولي پڻ هنديءَ يا هندستاني پڳتيءَ واري روايت جو ساءُ رکي ٿي.

شاهه: وارو! ويـراڳين کي، ويل مَ وسـاريج،
قـدم ڪـاپڙين جـا، ليلائي لهيـج،
پيرت پسيو پٽ جي، وڃڻ ڪـي وڃيـج،
راتو ڏينهن رڙهيج، آءٌ نه جئندي ان ري!

اياز: ان کے نقش قدم کو پالینا، عجز سے اپنا سر جھکا لینا،
دور افتادہ ہیں وہ بیراگی، رفتہ رفتہ پتہ لگا لینا،
ان کے قدموں میں عالم لاہوت، ان کے دامن میں بے بہا یاقوت.

آغا: اس جوگی بیراگی کو، من سے مت بسرا،
جانے وہ کس اور گیا ہے، ڈھونڈ لے نقشِ پا،
سیدھی راہ ہے سوامی کی، راہ یہی اپنا،
ڈھونڈا اسے جیئرا! بن ان کے کیا جیناری!

هتي آغا صاحب جي سڄي شعر جو مزو هڪ لفظ 'جيئرا' جي اڳيان عجب جي نشانيءَ وجائي ڇڏيو آهي، جيڪو تخاطب نه اردوءَ جو آهي، نه هنديءَ يا هندستانيءَ ۾ مستعمل آهي، ندائي صورت ۾ سنڌيءَ ۾ 'جيئڙا!' ٿي سگهي ٿو، پر اردوءَ ۾ نه- باقي 'جوگي'، 'بيراگي'، 'مت بسرا' وغيره سٺيون ترڪيبون آهن. پر 'مت بسرا' مٿان وسارين واري معنيٰ ٿي ڏيئي، 'ويل نه وساريج' جو مفهوم گم آهي. جڏهن ته اياز جي ترجمي ۾ به شاهه صاحب وارو جوڳين سامين وارو خيال ڪٿي گم ٿي ويو آهي.

هاڻي آءٌ سمجهان ٿي ته رسالي جو هڪ format به طئي ٿيڻ گهرجي. اياز ۽ آغا ترجمي لاءِ شاهه جي رسالي جا مختلف نسخا استعمال ڪيا آهن، ان ڪري سُرن ۽ بيتن جي ترتيب ۾ وڏو فرق آهي، جيڪا ڳالهه گهٽي منجهائيندڙ آهي.

منهنجو هيءُ تجزيو اردوءَ جي شاعراڻي روايت موجب ڪيترو مناسب آهي، ان لاءِ عرض ته ياد رکو ته ٻن سنڌي شاعرن، ڀٽائيءَ کي اردو ۽ هندستانيءَ ۾ ترجمو ڪيو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي، جنهن جي ادبي پرک بہ هڪ سنڌياڻيءَ ڪئي آهي. جيتوڻيڪ اردو شاعريءَ جو چڱو مطالعو اٿم، جنهن جي آڌار تي راءِ ڏني اٿم. ممڪن آهي تہ آءٌ بہ صحيح پرک نہ ڪري سگهي هجان. ڇو جو ڪنهن بہ ترجمي جي تنقيد جو اصول وري اهو آهي تہ ان ڪي نہ صرف پنهنجي سرزمين جي ٻوليءَ وارا پرکيندا آهن پر جنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اهو ترجمو ڪيل هوندو آهي، اُن ڌارئين ديس يا ڌارينءَ ٻوليءَ وارا بہ ان جي پرک ڪندا آهن. جيئن مون مٿي هڪ ماهر جي راءِ ڏني تہ جيڪڏهن ڪو مترجم فنڪار هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ نئون شاهڪار تخليق ڪري ٿو تہ ان ڪي ڌارئين ديس ۾ ڪنهن ننڍڙڪي ٻار وانگر سرحد جي هن پار بنهہ نئين لباس ۾ پاڻ ڪي ٿهڪائڻ ۽ قبول ڪرائڻ لاءِ انهن جهڙو ٿي ٽيٽو پوندو، تڏهن قبول پوندو. گذريل دور ۾ ڪيترائي ڀيرا پروفيسر آفاق صديقي صاحب اها دعويٰ ڪئي تہ شيخ اياز ڪي اهو ترجمو هُن ڪري ڏنو هو. اها دعويٰ خود بہ ان ڳالهہ جي قبوليت آهي تہ شيخ اياز جي ترجمي ۾ اردو زبان جو رنگ ۽ آهنگ ايترو تہ نمايان هو، جو خود هڪڙو اردو دان اُن ڪي پنهنجو ڪرڻ ۽ مڃائڻ لاءِ تيار هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شاهہ جي شاعريءَ جي اونهي سمنڊ ۾ وڃي سندس فڪر ۽ فلسفي ڪي ايڏي گهرائيءَ سان سمجهڻ پروفيسر صاحب جي وس جي ڳالهہ هئي يا نہ ۽ ٻيو تہ هو اياز جي شاعراڻي ذات ۽ ڏانءَ سان همسري ڪري ٿي سگهيو يا نہ؟ اهو هڪ اهم سوال آهي. شيخ اياز وٽ اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو تجربو هو. هن جا ۽ مجموعا 'بوئے گل نالہ دل' ۽ 'نيل ڪنٹھ اور نيم کے پتے' ان جو ثبوت آهن. جڏهن تہ پروفيسر آفاق صديقيءَ وٽ سنڌي شاعريءَ جو ڪو تجربو ڪونہ هو. ۽ نہ ئي هو ڪو اردوءَ جو ايترو وڏو شاعر هو. جي پاڻ آفاق صديقي، اردوءَ جو ايڏو وڏو شاعر هجي ها تہ اردو شاعريءَ ۾ بہ سندس ايڏي سڃاڻپ ۽ وڏو نانءُ هجي ها. شيخ اياز ممڪن آهي تہ هن کان اُن ترجمي لاءِ صلاحون ورتيون هجن، پر سڄو ڪريڊٽ پاڻ ڪٽڻ واري ڳالهہ مناسب نٿي لڳي.

ترجمي جي اصولن ڪي سامهون رکي ڏسجي تہ اردو ٻوليءَ جي مزاج موجب شيخ اياز جو ترجمو هن وقت تائين ڪيل سمورن ترجمن کان بهتر آهي، جڏهن تہ آغا سليم جو ترجمو ٻوليءَ ۽ موسيقيت جي حوالي سان توڙي دوهي جي صنف ڪي ويجهو رکڻ جي لحاظ کان نمايان آهي.

(نوٽ: 2 مارچ 2012 تي شيخ اياز جي جنم ڏينهن تي سڏايل سيمينار ۾ پڙهيل.)





## حوالا


1. ABC of Translating Poetry- William Barnstone. www. Poets.org
2. آوازِ لطيف: الياس عشقي، ادراڪ پبليڪيشن، حيدرآباد 2014.
3. ڊاڪٽر فاطمہ حسن- پيش لفظ- رسالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مترجم شيخ اياز، محڪمہ ثقافت و سياحت، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2009ع.
4. فهميده رياض، ديباچہ، ايضاً.
5. ايضاً
6. Sugeng Harriyans, Problems in Translating Poetry. www.translationdirectory.com
7. www.writingworld.com


## رسالا


1. شاهہ جو رسالو، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، محڪمہ ثقافت ڪاتو، حڪومتِ سنڌ، ڪراچي.
2. رسالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مترجم شيخ اياز، محڪمہ ثقافت و سياحت، حڪومتِ سنڌ، ڪراچي. 2009 ايڊيشن (اشاعت اول 1963).
3. رسالہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مترجم آغا سليم، محڪمہ ثقافت و سياحت، حڪومتِ سنڌ، ڪراچي. 2000.